## ڪافي[395]

ڪاهي تون رس ڪمڪ تي هربار يا عليؑ
پرتو اٿئي هي پاڙي پينار يا عليؑ
اي انما جا انسر خير البشر جا دلبر
تنهنجو لقب ٿيو حيدر ڪرار يا عليؑ
اي هلَ اَتَي جا صاحبَ شاهِ رُسل ﷺ جا نائب
طاعت تي تنهنجي واجب تقرار يا عليؑ
آقا هي وقت آهي رس تون مدد تي ڪاهي
دشمن کي ڪريو ڏاهي مسمار يا عليؑ
عاجز اٻوجهه بيحد آهي "غلام محمد"
ان کي عطائي احمدؐ درڪار يا عليؑ

## سه حرفي

الف۔ اعليٰ آهه افضل اڪمل و اڪبر عليؑ
آن امام است اتقيا را اوّل و آخر عليؑ
ب۔ بهادر بت شڪن بدرالدجيٰ بوذر جو پير
باعمل بي مثل بهتر بعد پيغمبر عليؑ
ت۔ تواضع جي طلب ڪئي تاجدار انما
تابع امر الاهي تارڪِ تڪبر عليؑ
ث۔ ثنا مولا جي ثابت ساري قرآن ۾ ڏسو
ثاني سليمان جو چوان يا ثاني اسڪندر عليؑ
ج۔ جنگجو پهلوان جائي جنابِ مرتضيٰ
جنگ جو جهونجهار بر جملہ جهان جابر عليؑ
ح۔ حياءِ علم جو صاحب برادر مصطفيٰ
حامي هيڻن جو حبيب، دادگر حيدر عليؑ

---

395 يادِ رفتگان، ص: 146/147.

خ- خليفو حق جو خالق جو خاصو خوش لقا
خلد جو خازن شِهِ خيبر ڪشا خاور عليؑ

د- درماندن جو دائم داد رس دلدل سوار
دلبرِ خير البشر داور جي در بهتر عليؑ

ذ- ذاتي ذڪر ۾ هو محو شير ذوالجلال
ذي حشم ۽ ذوالعطاءَ ۽ ذوالحياءَ ذاڪر عليؑ

ر- رضا تي ربّ راضي رازدانِ مصطفيٰ
رهنما راهِ يقين جو راستگو رهبر عليؑ

ز- زبردستِ جهان زورآزما شاهِ زمن
زينتِ ارض و سما ۽ صاحب و صفدر عليؑ

س- ساري سر الاهي جو سراسر رازدار
ساقيءِ ڪوثر سخي سلطان دين سرور عليؑ

ش- شاهِ اولياءَ شهزادهٔ عالي نسب
شير حق شاهِ حجازي شُڪر گو شاڪر عليؑ

ص- صلواتون صحيح صد بار صاحب جي مٿان
صف شڪن صائم سدائين صاف دل صابر عليؑ

ض- ضرغامِ الاهي زيردستان را پناهه
۽ ضعيفن لئي ضياءَ الدين زيباور عليؑ

ط- طمع ترڪ ڪئي تقدير جي تابع تمام
طالبن کي ترت تنگيءَ ۾ رسي طاهر عليؑ

ظ- ظفر ڪيئن اُحد ۽ خندق بضربِ ذوالفقار
زبده اولاد آدم طاهر و اظهر عليؑ

ع- عاشق عارفِ بالله عالم جو امين
عاجزانرا دستگير و قاتل عنتر عليؑ

غ- غالب ڪل غالب تي غلام محمد جو پير
غرق در بحرِ فنا از غايتِ اطهر عليؑ

ف- فلڪ تي فيض فائق فاتحِ بدر و حُنين
فارغ الدنيا و مافيها ڪان فاضل تر عليؑ

Gul Hayat Institute

ق- قربان راهِ حق ۾ قدر دانِ مصطفيٰؐ
قائم و قائد شه عقده ڪشا قاهر عليؑ

ڪ- ڪعبي ۾ تولد ٿيو ڪشنده ڪافران
ڪاررِوان سالارِ امت قبلهٔ قنبر عليؑ

ل- لعلڻ لحمڪ و لحمي سان ٿيو جلوه نما
لطف جو سرتاج شيرِ حق شهه شاطر عليؑ

م- مرقد جو محمد ﷺ جي مجاور مرتضيٰؑ
مصطفيٰ ﷺ من ڪنت مولا چيو شهِ منبر عليؑ

ن- نورِ ڪبرياءِ صاحبِ نهرِ لبن
نائبِ ختم الرسل ﷺ شد نافع و ناصر عليؑ

و- واحد ساڻ واصل رازدارِ انبيا
وارثِ خيرالأمم ﷺ والشيم قاهر عليؑ

ه- هميشه رک تون شاهِ هل اتيٰ "مغموم" کي
هجر کان زيارت جي حيران ٿو رهي هر هر عليؑ!

لام لائق لطف سان لاهيندو لوڏا مون مٿان
لائقِ لطف و لطافت صاحبِ لشڪر عليؑ

ء- عاصم آهيان آذر امير المؤمنين!
شاد ڪر شاها! ز بهرِ شافعِ محشر عليؑ

ي- يَدُاللهِ فَوْقَ اَيدِيهِم ثنا ساجد جو شان
يُنفِقُونِي فِي سَبِيلِ اللهِ تون ياور عليؑ.

Gul Hayat Institute